Sindhigulab.com
سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام
a complete Sindhi web magazine
هڪ سمپورڻ سنڌي ويب مخزن
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454
’’سدا جيئي سنڌي‘‘پهريون دفعو سمپورڻ سنڌي ڪتاب اِنٽرنيٽ تي جنهن ۾ توهان پڙهندا پنج سنڌي ٻال ايڪانڪيون



# ٻارن جي محفل

ڪردار :

| | | |
|---|---|---|
| جيوتي | | اَٺين درجي |
| مڪيش | | ۾ پڙهندڙ |
| رتن | | اسڪول جا شاگرد |
| ديپا | | عمر لڳ ڀڳ ١٣ سال |
| پرديپ | | |
| ماستر | : | سائنس وشيہ جو اُستاد. |
| مئڊم | : | اِسڪول جي پرنسيپال |

آستان : اِسڪول جو هڪ ڪلاس ڪمرو - ڏياريءَ جي وئڪيشن ڪانپوءِ جو اِسڪول جو پهريون ڏينهن - ڪلاس ۾ ڪيترائي ٻار ويٺل آهن. اِسڪول جو ماحول - ٻارن جو گوڙ - گهنڊ لڳڻ جو آواز - ٽن-ٽن-ٽن....

ٻار : سر اَچي ويا، سر اَچي ويا.

ٻار : (گڏجي) سر نمستي!

ماستر : نمستي، ٻارو نمستي.

ٻار : سر! نئين سال جون شپ ڪامنائون! لک لک واڌايون.

ماستر : ٻارو، توهان کي بہ نئين سال جون ڪروڙ ڪروڙ واڌايون.

جيوتي : سر، توهان ڏياري ملهائي؟ ڦٽاڪا ٻاريا؟

ماستر : ها-ها،پر پهريون توهان ٻڌايو تہ توهان ڏياري ڪيئن ملهائي؟

مڪيش : سر! مان تہ خوب ڦٽاڪا ٻاريا، چٽڳايون ٻاريون، راڪيٽ اُڏايا، سر-سر مان تہ هڪ وڏي لڙ بہ ٻاري.

رتن : سر! اَسان تہ وئڪيشن ۾ گهمڻ وياسين.
(گهنڊ لڳڻ جو آواز) - ٽن -

ماستر : ٻارو، هاڻي پرارٿنا ٿيندي، سڀئي اَکيون بند ڪري- هٿ جوڙي پرارٿنا ڪيو. ځپرارٿنا ٿئي ٿيھ

ديا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين،
اَچن در تي جيڪي، تو آسون پڄائين.

(١)

ڏسان تو مان نفرت سڄيءَ دنيا اَندر،
وڃون پل تہ مسجد ۾ يا ڪنهن بہ مندر،
سدا جيوت پريم جي دلين ۾ جڳائين،
ديا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين....

(٢)

ڪيي من جي شڪتي، شڪتي مان آهين،
تون زيري مان هيرو، اَسان کي بڻائين،
سچيءَ راهہ تي شل، سدا تون هلائين،
ديا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين....

(٣)

دکين ۽ غريبن کي سنڀالين سدا تون،
مريضن جي لئہ بڻين تو دوا تون،
ڏئي گيان ڀڳتي، ڀڳت پنهنجو ناهين،
ديا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين....

(۴)

بنا تو نہ ڪو منهنجو ڀڳون سهارو،
هلان راهہ سچ جي ڪر تون اِشارو،
رکي آس تو در اِها ”ساز“ پڄائين،
ديا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين....

ماستر : ويهي رهو ٻارو.

پرديپ : سر، مان اندر اَچان؟

ماستر : اَچ پٽ اَچ، چو ڀائي، اڄ پهرئين ڏينهن ئي دير سان؟

پرديپ : سر، وئڪيشن ۾ تہ روز سستيءَ جي ڪري دير سان اُٿندو هوم، سو اَڄ بہ....

ماستر : ٻارو، سُستي ڇڏيو. چُست بڻجو. ها، هاڻ توهان ڏياري ۽ وئڪيشن ڪيئن ملهائي؟ ڏياريءَ ۾ صرف ٻر ڦٽاڪا ئي ٻاريوَ، ڪن گهميا ڦريا؟ پڙهائي بہ ڪيوَ يا نہ؟

ديپا : سر، مان تہ سڀ گهرو ڪم بہ پورا ڪيا ۽ ٻر بہ ٻاريا.

مڪيش : هل ڪوڙي، تو بہ ڪڏهن ٻر ٻاريا؟ تون آهين ڊڄڻي.
(سڀ کلن ٿا)

ديپا : ها-ها- جڻ تہ ٻر صرف تون ئي ٻاري سگهندو آهين! سمجهين ئي پاڻ کي تو بهادُر.

ماستر : بس- ڀائي بس، اِئين جهڳڙا چو پيا ڪريو. صبح ساڻ ڪڙڪ چانهہ پي آيا آهيو ڇا؟

پرديپ : سر! مان تہ پنهنجا سڀ گهرو ڪم جلدي ئي پورا ڪري ورتا. ڇو جو اَسان کي وري گهمڻ وڃڻو هو.

ماستر : اَڇا! پر توهان ڪيڏانهن گهمڻ ويا؟

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad-382340. India. Tele. (079)22805454


پرديپ : سر اسان دهليءَ گهمڻ وياسين.

ماستر : دهلي! ڀارو دهلي اتوَ ڀارت جي دل! اَسانجي ديش جي راڄڌاني. اَڇا پٽ پرديپ، ڀلا دهليءَ ۾ تو ڇا-ڇا ڏٺو؟

پرديپ : سر! دهليءَ ۾ اسان ٽوئرسٽ بس ۾ چڙهياسين. اُن بس اسان کي جنتر-منتر، قطب منار، لعل قلعو، جامع مسجد، لوٽس ٽيمپل، راڄگهاٽ ۽ ٻيون بہ ڪيتريون جڳهيون گهمايون. سر ڏاڍو مزو آيو!

ماستر : ڀلا ٻڌاءِ، تہ لعل قلعو ڪنهن ٺهرايو؟

جيوتي : سر لعل قلعو تہ اڪبر بادشاهہ ٺهرايو نہ!

پرديپ : نہ-نہ. سر! دهليءَ جو لعل قلعو، مغل بادشاهہ شاهہ جهان سن ١٦٨٣ع ۾ ٺهرايو. لعل قلعي جي ٺهڻ ۾ پورا نوَ سال لڳا.هي قلعو سڄو ڳاڙهن پٿرن جو ٺهيل آهي، اِن ڪري هن کي لعل قلعو چوندا آهن.

ماستر : واهہ ڀائي واهہ! توکي تہ چڱي ڄاڻ آهي.

پرديپ : ها سر! اسان سان گڏ هڪ گائيڊ هو، جيڪو اسان کي سڀ ٻڌائي رهيو هو.

ماستر : پر ڀائي، تنهنجي تہ ياد شڪتي ڏاڍي سٺي آهي جو اڃا تائين توکي ياد آهي.

پرديپ : سر! مونکي خبر هئي تہ توهان ضرور پڇندا، اِن ڪري سڀ ياد ڪري آيس.

ماستر : شاباس پرديپ، اَهڙيءَ طرح پنهنجي پڙهائي بہ سٺي نموني ياد ڪندو رهہ تہ ضرور ترقي ڪندين.

(سڀ ٻار تاڙيون وڄائن ٿا.)

ماستر : ٻارو، مان توهان کي ڏياريءَ جي موڪلن لاءِ گهرو ڪم ڏنو هو؟

رتن : ها سر! توهان اسان کي اوڪاش ۽ تارا منڊل جي باري ۾ ڄاڻ ڪني ڪرڻ جو گهرو ڪم ڏنو هو.

ديپا : سر ڏسو، مان ڪيڏو وڏو نوٽ تيار ڪيو آهي!

مڪيش : سر ڏسو، مان تہ  گرهن ۽ تارن جون تصويرون بہ گڏ ڪري آيو آهيان!

پرديپ : سر، سنڌيءَ ۾ هڪ ’’سائنس بليٽن‘‘ مان، اَسان کي منگل گرهہ جي سٺي ڄاڻ ملي.

ماستر : اَڇا! ڀلا توهان کي منگل گرهہ جي ڪهڙي ڄاڻ ملي؟

مڪيش : سر، منگل گرهہ، ڌرتيءَ جي ويجهي ۾ ويجهو گرهہ آهي. تڏهن بہ ڌرتيءَ کان اٽڪل ٣١ ڪروڙ ميل، يعني ۴٠ ڪروڙ ڪلوميٽر پري آيل آهي!

رتن : سر، منگل گرهہ ڳاڙهي رنگ جو گرهہ آهي ۽ هن کي بہ اُپگره آهن. پهريون فوبس ۽ ٻيون ڊيموس.

ماستر : توهان کي خبر آهي، تہ ڌرتيءَ تي هڪ پوري ڏينهن ۾ گهڻا ڪلاڪ ٿيندا آهن؟

جيوتي : ها سر، ٢۴ ڪلاڪ.

ماستر : اهڙيءَ طرح منگل گرهہ جو هڪ ڏينهن، ڌرتيءَ کان ڪجهہ وڌيڪ يعني ٢۴ ڪلاڪن ۽ ٣٧.۵ منٽن جو هوندو آهي.

ديپا : ۽ ها سر، منگل گره جو هڪ سال ٦٨٧ ڏينهن جو هوندو آهي.

ماستر : ٻارو، منگل گرهہ جي واتاورڻ ۾ ڪاربانڊاءِ آڪسائيڊ گئس جو تعداد وڌيڪ آهي ۽ آڪسيجن تہ اُن جي وايومنڊل ۾ بلڪل ئي نہ آهي.

مڪيش : سر، هينئر ويجهو ئي آمريڪا جي ناسا اوڪاش سنسٿا، منگل گرهہ تي ’’پاٿ فائينڊر‘‘ اوڪاش يان جي مدد سان هڪ ننڍي هلندڙ چلندڙ     گاڏي لاٿي آهي.

ديپا : اِها گاڏي ڪهڙو ڪم ڪندي؟

ماستر : هن يانترڪ گاڏيءَ ۾ ٿري ڊي ڪئميرا لڳل آهي، جيڪا منگل گرهہ جي ڌرتيءَ جا رنگين چتر موڪلي رهي آهي. هن گاڏيءَ تي ايڪس-ري ۽ اِسپيڪٽروميٽر پڻ لڳل آهن، جن جي مدد سان اِن جي آسپاس جي ٽَڪرن جي ڄاڻ پڻ موڪلي آهي.

ديپا : سر اِنهن چترن جو ڇا ڪبو؟

ماستر : اِنهن چترن وسيلي، سائنسدان انومان لڳائي سگهن ٿا. ناسا جا سائنسدان چون ٿا، تہ ڪنهن زماني ۾ منگل گرهہ تي تمام گهڻو پاڻي مۃ وجود هو، اُتي نديون پڻ هونديون ۽ زبردست ٻوڏون پڻ آيون هونديون.

ديپا : سر! اِئين ڪيئن چئي سگهبو، تہ اُتي ٻوڏون آيون هونديون؟

ماستر : اِن ٻوڏ جو اثر، اَڄ اُتي آيل ٽڪرن ۽ پٿرن تي گاٽ جي روپ ۾ ڏسجي رهيو آهي. هي منگل گرهہ بہ ڌرتيءَ وانگر سج جي آس پاس، بيضي شڪل جي رستي تي پرڪرما ڪري رهيو آهي، پر هي گرهہ، ڌرتيءَ جي  پيٽ ۾ اڌ قد جيترو مس آهي. هن جو قطر ٦٧٩۴ ڪ.م آهي.

پرديپ : سر! ماڻهو جو شاديءَ کان اڳہ منگل گرهہ پيٽيندا آهن اِهو ڇا آهي؟

رتن : ها سر! مان بہ اِئين ٻڌو آهي، تہ منگلي ڇوڪريءَ کي منگلي ڇوڪري سان ئي شادي ڪرڻ گهرجي. نہ تہ اُنهن جو وِواهت جيون سکي نہ رهندو.

مڪيش : سر! منگل کي ڏاڍو تيزو ۽ خطرناڪ گرهہ بہ چوندا آهن نہ؟

ماستر : ٻارو، اِهي مڃتائون سڀ ڪوڙيون آهن. ڏکن ۽ سکن جو ملڻ اِنسان جي وس کان ٻاهر جي ڳالهہ آهي. ڪرم پرڌان ماڻهوءَ کي ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو آهي. خير، توهان اِنهن ڀرمن ۾ نہ پئو ۽ سائنس جي نظريئي سان ڏسو، تہ توهان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جو طريقو بلند ٿيندو.

جيوتي : سر، اَڄ تہ پهرئين ڏينهن ئي توهان پڙهائي شروع ڪري ڇڏي.

ماستر : اَڙي ڀائي جيوتي، پڙهائيءَ ۾ ڪڏهن پهريون ۽ ٻيون نہ ڏسبو آهي. نہ تہ پوِيان رهجي ويندينءَ. سمجهيئہ؟

رتن : سر، جيوتي برابر ٿي چوي. پهرئين ڏينهن تہ ٿوري مذاق-مستي ڪجي نہ!

ديپا : ها سر، هاڻي ٿوريون ڳالهيون ٻوليون بہ تہ ڪيون نہ. ٿورا چرچا-آڪاٽيون بہ تہ ٻڌايون نہ!

ماستر : ها ڀائي ها، ڦوڙيو توهان بہ چرچن جا ٻم. پر اَهڙا نہ ڦوڙجو، جو نقصان پهچائين.

ديپا : سر! منهنجي پاسي ۾ مهيش رهندو آهي، اُهو جيئن ئي بم ٻارڻ ويو نہ، تہ بم ڦاٽي ڪري اُن جي اک ۾ لڳو! سر، مهيش کي جلد ئي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا. هينئر هوُ اسپتال ۾ اهي! چون ٿا، تہ اُن جي اک ڇاڻ نہ نهندي!

پرديپ : اَئي اَلا، ويچارو هاڻ ڇا ڪندو؟

رتن : منهنجي ننڍي ڀاءُ کي بہ، چٽڻگائي تيلي ٻاريندي اَچي بشرت کي ٻاهہ لڳي.

مکيش : هان! پوءِ ڇا ٿيو؟

رتن : اوڏيمهل منهنجا پيا اُتي بينا هئا نہ، تہ جلدي بچاءُ ٿي ويو.

پرديپ : سر، بم ٻارڻ مان تہ صرف نقصان ئي نقصان آهن.

ديپا : هل-هل، ائين نہ آهي! بم ٻارڻ ۾ تہ مزو بہ ايندو آهي نہ.

پرديپ : نہ سر نہ، مزو وري ڇا جو؟ ماڻهن جون اَکيون وڃن! اِهو بہ ڪو مزو آهي؟

ماستر : چڱو ڀائي، هڪڙو ڪم ڪريو. ٻڌايو، تہ بم-ڦٽاڪا ٻارڻ مان ڪهڙا نقصان آهن؟ نقصان وڌيڪ آهن ڪن فائدا؟

مکيش : سر! ڦٽاڪن ٻارڻ سان ڪنو دونهون پيدا ٿيندو آهي، جيڪو واتاورڻ کي خراب ڪندو آهي ۽ ڪنگهہ ٿيندي آهي.

رتن : سر! بم ۽ ڦٽاڪن جي ڪري، ڪٿي ڪٿي ٻاهہ لڳندي آهي، ڏاڍو نقصان ٿيندو آهي! گهر-دڪان جلي ويندا آهن!

جيوتي : پر بم-ڦٽاڪن ٻارڻ سان آواز ۽ روشني بہ تہ ٿيندي آهي نہ!

ديپا : اَڙي، اَهڙا آواز ۽ روشني ڪهڙي ڪم جا، جيڪي مزو گهٽ پر نقصان وڌيڪ ڪن.

پرديپ : بم-ڦٽاڪا اَڄ ڪلهہ مهانگا ڪيترا آهن! هڪ-هڪ بم بہ رپين ڪان وٺي بہ سؤ رپين تائين آهي. بہ منٽ بہ نہ ٻري، پر بہ سؤ رپيا پورا!

ماستر : برابر-برابر. ڀلا اِئين تہ ڪو ڌهين رپئي جو نوٽ جلائي ڏيکاري؟ سچ پچ ٻارو، بم-ڦٽاڪا ٻارڻ مان نقصان وڌيڪ ئي آهن ۽ فائدا تمام گهٽ.

جيوتي : پر سر اِهو بہ هڪ خوشيون ملهائڻ جو طريقو آهي نہ؟

مکيش : پر ڀائي، خوشيون تہ ٻئي بہ طريقي سان ملهائي سگهبيون نہ.

جيوتي : ٻڌاءِ ڪيئن؟

مکيش : گهر کي سينگاري ڪري، بلبڙيون-ٻاري، مٺايون کائي، هڪ ٻئي سان پريم سان ملي ڪري....

رتن : چرچا-پروليون ٻڌائي ۽ گانا ڳائي ڪري.

ماستر : رتن توکي تہ سدائين چرچا ۽ گانا هجن.

ديپا : ها سر ها، مزو ايندوآهي نہ.

جيوتي : سر، مان ٻڌايان هڪ چهرو چرچو؟

مکيش : چئي تہ ائين ٿي، چڻ چهرو ڦلڪو ڪارائيندي.....

(سڀ کلن ٿا)

ماستر : چڱو ڀائي ٻڌاءِ چهرو چرچو.

جيوتي : هڪ بس هلي پيئي، ڪنڊڪٽر چيو هڪ مسافر کي، تہ ”ڀائي صاحب، توهان هيءُ ڦاٽل نوٽ ڏنو اَٿو.“ تہ مسافر جواب ڏنو، ”تہ ڇا ٿيو، توهان بہ تہ ٽڪيٽ ڦاڙي ڏيو ٿا نہ.“

(سڀ کلن ٿا)

ماستر : ٻارو، ٻڌايو تہ چانهہ پيئڻ فائدي واري آهي يا نقصانڪار؟

ديپا : سر، جيڪڏهن چانهہ پيئارڻي پوي تہ نقصانڪار ۽ جيڪڏهن ڪوئي پيئاري تہ فائدي واري.

(کلڻ جو آواز)

رتن : سر، مان ٿو ٻڌايان هڪ، چُٽ-چُٽ چُٽڪلو.
ڪلاس ۾ ماستر چيو، ”ٻارو، سياڻي کان اِمتحان شروع ٿي رهيا آهن، ڪجهہ پڇڻو هيجوَ تہ پڇي وٺو؟“ هڪ ٻار چيو، ”سر اِهو ٻڌايو تہ پيپر ڪٿي ڇپجي رهيا آهن؟“
(سڀ زور-زور سان کلن ٿا)

مکيش : هڪڙا ٽي دوست هئا. ٽنهي کي، شاديءَ ۾ هڪ - هڪ اِسڪوٽر مليو. ٽنهي ڄڻن پنهنجين زالن کي اِسڪوٽر هلائڻ سيکاريو. هڪ ڏينهن پارڪ ۾ گڏيا، تہ حال اَحوال وٺڻ لڳا. پهرئين چيو، ”يارو منهنجي زال روز رات جو منهنجي ٻانهن مروڙي چوندي آهي، تہ ايڪسيليٽر ٿي وڌايان.“ ٻئي چيو، ”يار، منهنجي زال تہ روز پنيءَ تي لتون ٿي هڻي، چوي ٿي، تہ ڪِڪَ ٿي هڻان.“ ٽئين چيو، ”يار، منهنجي زال روز منهن ڪولي بيهي ٿي رهي، چوي ٿي ايڪ ليٽر پيٽرول ڊالو.“
(سڀ کلن ٿا.)

ماستر : پرديپ ڀائي، تون بہ تہ ڪجهہ ٻڌاءِ نہ؟

پرديپ : سر، مان هڪ مذاقي، ننڍي ڪهاڻي ٿو ٻڌايان. اَڪبر بادشاهہ جو نالو تہ سڀن ٻڌو ئي هوندو.

سڀ : ها.

ديپا : ها-ها. اُن جو هڪ سياڻو وزير هوندو هو، بيربل!

جيوتي : اُهو ئي نہ بيربل، جنهن کي ڏسي ٻيا ڪيترائي وزيہ سڙندا هئا.

پرديپ : ها، بلڪل برابر. ڪوبہ وزير، بيربل کي سهن نہ ڪندو هو. ڇو جو بيربل حاضر جوابي ۽ سياڻو هو. هڪ دفعي، راجا اَڪبر کي اَچي مذاق سجهيو، تہ ڇو نہ بيربل جي مذاق اُڏائجي. بادشاهہ سڄي دربار ۾ چيو، ”رات مان هڪ عجيب سپنو ڏٺو، تہ مان ۽ بيربل گهوڙن تي چڙهي شڪار ڪرڻ پيا وڃون. هلندي-هلندي اَڳيان بہ کڏا آيا، هڪ گپ جو ۽ هڪ ماکيءَ جو. مان وڃي ماکيءَ جي کڏي ۾ ڪريس ۽

بيربل وڃي گپ ۾ ڪريو.“ بيربل جي اِن حالت تي سڀ درٻاري کلڻ لڳا. بيربل به هو حاضر جوابي، سو چو تو چُپُ وِهي. بيربل چيو، ”جهان پناهه بلڪل سچ، اِهو ئي سپنو رات مونکي به آيو.“ اِن ڳالهه تي سڀ درٻاري وڏيڪ کلڻ لڳا. بيربل چيو، ”پر، بادشاهه سلامت، مان اِهو سپنو اَڃان به وڏيڪ ڏٺو، ته اسان ٻئي ڪڏن مان ٻاهر نڪرون ٿا، بادشاهه جي سرير تي ماکي چهٽيل هئي ۽ منهنجي بدن تي گپ لڳل هئي. مان بادشاهه کي چٽڻ شروع ڪيو ۽ بادشاهه مونکي.“

(سڀ زور سان ٺهڪ ڏين ٿا)

پرديپ : اِهو ٻڌي بادشاهه جو ڪنڌ ئي جهڪي ويو.

سڀ گڏجي : واهه! واهه! ڇا ته بيربل سِڪسر هنيو.

ماستر : ٻارو، توهان به بيربل وانگر هوشيار ۽ حاضر جوابي ٻڻجو. جيڪڏهن، موڳا متر ٿيندوَ ته دنيا ڪجهو ڪائي ويندوَ. سمجهيوَ؟

رتن : سر، توهان به ته ڪجهه ٻڌايو نه....

ديپا : ها، سر توهان به ڪا مزيدار ڳالهه ٻڌايو نه.

ماستر : چڱو، مان توهان کان هڪ سؤلو سوال ٿو پڇان. جواب سوچي سمجهي ڏجو.

جيوتي : سر، مان ٻڌائيندم جواب.

ديپا : ها-ها، تون ته سمجهين ئي پاڻ کي بيربل ٿي نه ؟

مکيش : ها-ها، جيوتيءَ جا جواب ته بنا سِرَ ۽ پير جي ئي هوندا آهن. ها-ها-ها-ها.... (کلي ٿو)

ماستر : بس پائي بس، پهرين ته توهان، پاڻ ۾ وڙهڻ بند ڪريو.

پرديپ : سر، توهان کهڙو سوال پيا پڇو؟

ماستر : ٻڌايو ته ١ کان ١٠٠ تائين ڪيترا دفعا ٩ انگ ايندو آهي؟

جيوتي : سر ١٠ دفعا!!!

(سڀ کلن ٿا)

ماستر : چو پائي کلو چو پيا! هڪ ته ويچاري جواب ڏئي ۽ توهان وري هن جي مذاق ٿا اُڏايو.

مکيش : سر، هيءَ جيوتي آ نه، بنا سوچ ويچار جلدئي جواب ڏيندي آهي.

ماستر : ته پلا تون ٻڌاءِ، ته ١ کان ١٠٠ تائين ٩ اَنگ ڪيترا دفعا ايندو؟

مکيش : ويهه دفعا ٩ اَنگ ايندو.

رتن : ٢٠ دفعا! پلا ڪيئن؟

مکيش : چڱو، مان چوندو ٿو وڃان، تون ڳڻيندو وڃ.

رتن : ها، چئه.

مکيش : ٩، ١٩، ٢٩، ٣٩، ٤٩، ٥٩، ٦٩، ٧٩، ٨٩، ٩٠، ٩١، ٩٢، ٩٣، ٩٤، ٩٥، ٩٦، ٩٧، ٩٨، ٩٩.

رتن : پر، اِهو ته ١٩ دفعا ٿيو نه؟

مکيش : اَڙي يار، ٩٩ ۾ ٩ به دفعا آيو نه.

ماستر : برابر مکيش- بلڪل برابر. ٻڌءُ جيوتي، تون برابر آهين حاضر جوابي، پر جيڪو به جواب ڏجي نه، اُهو سوچي سمجهي ڏجي. سمجهيه؟ ٻڌو ڪونه اٿيئي، ته ”تڪڙ ڪم شيطان جو.“

جيوتي : سر، هاڻ مان ٿي توهان کان پڇان هڪ پرولي.

ديپا : پڇو پروليون ڪائو کيروليون.

(سڀ کلن ٿا)

جيوتي : هڪ عورت ٢٢ ڪپڙا ١١ منٽن ۾ ٿي سڪائي، ته ٤٤ ڪپڙا ڪيترن منٽن ۾ سڪائيندي؟

ديپا : ٢٢ منٽن ۾!

جيوتي : نه-نه، سر ڏسو، هن به بنا سوچڻ جي تڪڙو جواب ڏنو نه. غلط آهي جواب.

پرديپ : مان ٻڌايائن، ساڳيو ئي ١١ منٽن ۾. برابر نه؟

جيوتي : بلڪل برابر!

رتن : سر، جيڪڏهن منهنجي پروليءَ جو جواب جيوتي ڏئي، ته مڃانس.

جيوتي : ها سر، مان جواب ڏيندم، ۽ هاڻ بلڪل سوچي سمجهي جواب ڏيندم.

رتن : ته ٻُڌ؛ ”اُپري ته اوندهه، لهي ته سوجهرو.“

جيوتي : اُپري.... ته اوندهه.... لهي.... ته سوجهرو، هان.... (اوچتو رڙ ڪري ٿي) ها، غصو ۽ ڪاوڙ!

ماستر : بلڪل صحيح، بلڪل صحيح. رتن هاڻ ته مڃيندين نه جيوتيءَ کي؟ شاباس جيوتي، ائين سوچي ڪري جواب ڏيڻ سان شاباس ملندي آهي، ڏسو مئڊم پڻ اَچي رهيا آهن.

(ٻار اُٿي بيهن ٿا ۽ ....)

سڀ ٻار : مئڊم، نمستي!

مئڊم : نمستي ٻارو!

ٻار : مئڊم، ڏياريءَ ۽ نئين سال جون شڀ ڪامنائون. لک لک واڌايون.

مئڊم : واهه-پائي واهه! توهان کي به ڏياري ۽ نئين سال جون واڌايون. ٻارو، توهان خوب پڙهائي ڪري وڏا ودوان ٿيو، وڏي عهدي تي پهچو،

اِهي اَسان جو شبِ ڪامنائون آهن. پر هڪ ڳالهه هميشه ياد رکجو.

ديپا : ڪهڙي ڳالهه، مئڊم؟

مئڊم : ڪڏهن به، پنهنجي ماءُ-پيءُ کي نه وسارجو، هميشه انهن جو چيو مڃجو ۽ انهن جي شيوا ڪجو. ڏياري اسانکي اها ئي سکيا ٿي ڏئي.

ماستر : ها ٻارو، مئڊم جي اها ڳالهه ڪڏهن به نه وسارجو.

مئڊم : ڀلا، توهان کي خبر آهي، ته ڏياريءَ کي ٻين ڪهڙن نالن سان سڃاتو ويندو آهي؟

رتن : ها مئڊم، ڏياريءَ کي ديپاولي پڻ چئبو آهي.

جيوتي : ها-ها، چاڪاڻ ته ڏياريءَ تي اسان ڏيئا به ٻاريندا آهيون نه!

مئڊم : اِن ڪانسواءِ، ٻيو ڪهڙو نالو آهي؟

(سڀ ٻار سُس پُس ڪن ٿا)

مئڊم : ٺيڪ آهي، توهان کي نه ايندو هجي ته مان ٿي ٻڌايان. ڏياريءَ جو ٻيو نالو آهي شرديه نوَ سشتي.

مکيش : شرديه نو سشتي!

مئڊم : ها، شرديه نو سشتي.

پرديپ : اِن جو مطلب ڇا ٿيو مئڊم؟

مئڊم : شرديه يعني سيارو. نوسشتي يعني نئون فصل. هنن ڏينهن ۾ سياري جو نئون فصل پيدا ٿيندو آهي.

ديپا : ۽ مئڊم، ڏياريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ڌن تيرس ايندي آهي نه؟

جيوتي : ها-ها، اَسان ڌن تيرس جي ڏينهن ڪا نه ڪا نئين شيءِ وٺندا آهيون.

مکيش : مئڊم، ڌن تيرس جي ڏينهن ڌن جي پوجا پڻ ڪبي آهي نه؟

مئڊم : ها ٻارو، ڌن تيرس ڏينهن ڌن جي پوجا جو، حقيقت ۾ وڏڪ اَرٿ اِهو آهي، ته سڄي سال ۾ جيڪو اسان ايمانداريءَ ۽ محنت سان ڪمايو آهي، اُن جو سدُپيوگ ڪهڙي نموني ڪريون؟ اُن جو آيوجن ڪرڻ، ته جيئن اسان جي ڪمايل ڌن مان غريب وديارٿين ۽ ضرورتمندن کي مدد ملي.

ديپا : مئڊم-مئڊم، ڏياريءَ جي ڏينهن ايتري اوندهه ڇو هوندي آهي؟

مکيش : ڇري ٿي آهين ڇا؟ اوندهه ڪٿي هوندي آهي؟ هيترا بلب ٻرندا آهن، ڏيئا ٻرندا آهن، تڏهن به توکي اوندهه لڳندي آهي؟

(سڀ کلن ٿا)

مئڊم : اِن ۾ کلڻ جي ڪا ڳالهه نه آهي. توهان کي خبر آهي ته ڏياري اُماس ڏينهن ايندي آهي ۽ اِها رات، باقي سڀني راتين کان وڌيڪ اونداهي واري هوندي آهي. اِن انڌڪار کان بچڻ لاءِ ئي ته اسان پنهنجن گهرن ۾ ڏيئن جي روشني ڪندا آهيون.

رتن : مئڊم، ڏياريءَ کي روشنيءَ جو ڏڻ ڪري پڻ چئبو آهي نه؟

مئڊم : بلڪل برابر. اَسان سڀ ڏيئا ٻاريندا آهيون ۽ پرارٿنا ڪندا آهيون، ته ”هي ايشور، تون اسان کي اگيان روپي انڌڪار مان گيان روپي پرڪاش طرف وٺي هل.“

ديپا : ڏياريءَ ڏينهن ته ڏاڍو مزو ايندو آهي. اسان ته سڀني مٺن-مائٽن وٽ ويندا آهيون ۽ خوب مٺايون کائيندا آهيون.

مکيش : گهر جي مٺائي ته وٺندي ئي نه آهي، صرف مهمان کي ئي کارائيندا آهيون.

مئڊم : ٻارو، ڏياري اِهو ئي ته سيکاري ٿي، ته کائو ۽ کارايو. سڄو سال ٻاڻ به خوش رهو ۽ ٻين کي به خوشيون ڏيو.

پرديپ : مئڊم، اَڄ ته توهان اسان کي تمام نيون-نيون ڳالهيون ٻڌايوَ. اِنهن سڀني جي ته اسان کي خبر ئي نه هئي!

مئڊم : چڱو ٻارو، هاڻي ڀلي توهان پنهنجو ڪم ڪريو.

سڀئي ٻار : مئڊم، نمستي!

مئڊم : نمستي ٻارو.

(مئڊم ڪلاس کان ٻاهر وڃي ٿي)

مکيش : سر مئڊم ته بلڪل نئين ڄاڻ ڏيئي ويا اَسان کي!

ماستر : ها ٻارو، مئڊم اسان کي، جيون ۾ پرائڻ جهڙيون ڳالهيون ٻڌايون. ته، توهان به اِنهن ڳالهين جو عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهيو نه؟

سڀ : ها سر!

مکيش : سر، اَسان اَڄ توهان سان وچن ٿا ڪريون، ته اَسان سين جو پلو ڪنداسين، ڪڏهن به ڪنهن جو برو نه ڪنداسين.

(پردو ڪري ٿو)